SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1991

SINDH ACT NO.III OF 1991

سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسزءِ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1991

THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1991

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوانءِ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of Section 6_A of Sindh Act, VIII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Act, VIII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 10_A جو اضافو
Insertion of Section 10_A in Sindh Act, VIII of 1975

5. حقيقي خرچن جي ادائگي
Payment of actual expenses

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1991

SINDH ACT NO.III OF 1991

سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1991

THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1991

[5 جون 1991]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of

2. سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 6_A ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) هڪ وزير پنهنجي صوابديد موجب هڪ لک رپيا

سالياناتائين گرانٽس جاري ڪري سگهي ٿو.”.

Sindh Act, VIII of 1975

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن “هڪ سئو ۽ پنجويهہ رپيا” لاءِ لفظ “هڪ سئو ۽ پنجاهہ رپيا” متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي دفعہ 10جي ترميم

Amendment of Section 10 of Sindh Act, VIII of 1975

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 13 ۾ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII ۾ دفعہ 10_A جو اضافو

Insertion of Section 10_A in Sindh Act, VIII of 1975

“13_A. جتي هڪ وزير جڏهن ڊيوٽي دوران صوبي کان ٻاهر سفر ڪري رهيو هجي، هڪ هوٽل ۾، گيسٽ هائوس ۾، انسپيڪشن بنگلي، رهائشگاهہ يا ڪنهن رهائشي ڪلب ۾ ترسي ان کي دفعہ 10 تحت ملندڙ روزانو الائونس سان گڏ اضافي ادائگي ڪئي ويندي، ان کي هڪ ڪمري جو ڪرايو ڏنو ويندو، جيڪو تن ڏينهن جي روزانو الائونس کان روزانو جي حساب سان وڌيڪ نہ هوندو، جيڪو رسيدن/ووچرز جي جمع ڪرائڻ تي ڏنو ويندو.”.

حقيقي خرچن جي ادائگي

Payment of actual expenses

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.